درويش درشن

آڌياتمڪ ماهوار رسالو



پرم پوجنيه سوامي آشارام صاحب

ॐ

درويش درشن

اڌياتمڪ ماهوار رسالو

سنت شري آشارام آشرم

سابرمتي، احمدآباد - ٣٨٠٠٠٥.
٧٥٠٥٠١٠، ٧٥٠٥٠١١ (٠٧٩)

ل - ٢٠	چندو (ڀارت لاءِ)	ولايت لاءِ
ڇو - ٨	ساليانو - ١٥ ر	ساليانو ١٥٠ ر
ست - ١٩٩٨	آجيون ١٥٠ ر	آجيون ١٥٠٠ ر

सारे जहाँ से अच्छा,
हिन्दोस्ताँ, हमारा

سيني ڀارتواسين کي ديش آزاديءَ جي ڏينهن جون
لک - لک شڀ ڪامنائون .... واڌايون!

وئي بہ ڪاريہ ڪريو تہ اهڙيءَ طرح ڪريو جو اُن جو اسڦل ٿيڻ ناممڪن
پوي.

اُٿو! جاڳو! اڳتي وڌو !!
وقت تيزي سان گذرندو پيو وڃي.
ڙي وکہ وڌايو! سادگيءَ سنجم سان پاڻ سجايو .....
.. پريو رس پايو ..... ॐ آنند ..... ॐ مڌرتا .....
جئہ هند! ڀارت ماتا کي جئہ !!

* سکن جي مٽي *

کي سمرن گرڀ نہ بسيءِ
پرڀ کي سمرن دکہ جم نيءِ
کي سمرن ڪال پر هريءِ
پرڀ کي سمرن دشمن ٽريءِ
سمرت ڪڇ ٻگهن نہ لاگيءِ
پرڀ کي سمرن ان دن جاگيءِ
کي سمرن ڀئہ نہ بياپي
پرڀ کي سمرن دکہ نہ سنتاپيءِ
کا سمرن ساڌ کيءِ سنگہ
سرب نڌان نانڪ هر رنگہ

ترجمو

ب جو ڪر سمرڻ تون، سمرڻ سان جُوڻ نہ پائيندين
صاحب جو ڪر سمرڻ، جم جي چوٽ هرگز نہ کائيندين
ب جو ڪر سمرڻ تون، سمرڻ سان ڪال ڀڄي ويندو
صاحب جو ڪر سمرڻ تون، دشمن ڀي تنهنجو دفع ٿيندو
ب جو ڪر سمرڻ تون، سمرڻ سان مشڪل ٿئي آسان
ساوڌان ٿي نشدن رهندين، بندا نربئہ ڀڄ ڀڳوان
ب جو ڪر سمرڻ تون، سمرڻ سان خوف نہ کائيندين
صاحب جو ڪر سمرڻ تون، سمرڻ سان ڪشٽ مٽائيندين
ڻ ڪر تون، سمرڻ سان ٿو ساڌ سنگت جو سنگہ ملي
نام جي رنگہ ۾ رڱجي ويندين نانڪ ات ٿو رنگہ ملي.

اُپديش امرت

شري سوامي ليلا شاھ مھراج

١- مزو ڇا ۾

آهي غريبيءَ ۾ مزو، شاھ شيطاني ڄار ٿئي،
دال دل جي دلبري، گوشت گانگٽ بدڪار ٿئي،
سيج بندي بخملي، رات نہ آرام ٿئي
تڏي ڳوٺيءَ جو نڪر، پيار ڄتي نشڪام ٿئي
برفي بوندي نہ ڪاءُ حلوو، نہ ساتوڪي طعام ٿئي،
سينديون سرما نہ ڪڍ ڪٽي، شڪل سھڻي تمام ٿئي،
ڪڍي ڪر ٻاهر تون، دل ۾ جيڪو ڪوڙ ٿئي،
ڏس هميشھ صاف سڀ ڪي، جي ليلا ڪو گيان ٿئي.

٢- آتم اڀياس

- ارڌ شلوڪ ۾ ڪهت هون ، ڪوٽي گرنٽ ڪا سار،
  برهم ستيہ، جڳت مٿيا، جيوو برهم ڪيولم.
- تون هي شرير نہ آهين، جو پنجن تتن جو ٺهيل آهي اڄ آهي تہ
  سڀاڻي نہ آهي. تون من ٻڌي بہ نہ آهين. تون اُن کان نيارو ست
  چت آنند سروپ آتما آهين، جنهن جو ڪڏهن بہ ناس نٿو ٿئي، پر
  ڀُل ڪان پاڻ کي شرير سمجهي ويٺو آهين. جئن گهٽ آڪاش ۽ مٺ
  آڪاش مها آڪاش کان جدا نہ آهن، پر گهٽ ۽ مٺ جي اُپاڌيءَ
  ڪري جدا ڀاسي ٿو، تهڙيءَ طرح جيو آتما گهٽ ۽ مٺ ڊاهي ڇڏيو
  تہ هڪ ئي هڪ نظر ايندو.
- لهرون ڦوٽا بدبدا پاڻيءَ جو روپ آهن پر اُپاڌيءَ ڪري جدا ڏسڻ
  ۾ اچن ٿا . اُنهن جي شانت ٿيڻ ڪانپوءِ فقط جل ئي جل آهي.
- ڪنڊ جا رانديڪا ڪنڊ روپ آهن، مٽيءَ جا باسڻ ۽ رانديڪا مٽي روپ
  آهن تئين ئي برهم جو ولاس جڳت، برهم روپ آهي.

ندو آهي تہ آءُ پاڻيءَ مان ٻاڦ جا بادل بڻائي ورسايان ٿو ۽ پرٿويءَ
ترپت ڪريان ٿو. مگر اهو سڀيئي ڄاڻن ٿا تہ اهي سڀ ڪاريہ
ان ڀاسڪر (سورج) جي اُيرڻ بنا نہ ٿيندا آهن تہ سوريہ جي
سري ماتر سان اهي سڀ بدلاهڻون ٿينديون آهن، سوريہ کي ڪرتو
جهہ بہ نہ پوندو آهي.

اُن آتم ڀاوَ ۾، ايشوريہ ڀاوَ ۾ استت مهاپرش ڪڏهن ڪجهہ
ندي تہ ڪڏهن ڪجهہ بہ نہ ڪندي نظر ايندا آهن، پر سندن
سريءَ سان سهج ئي (ڀاڻيهي) ڪيترائي شڀ ڪاريہ ٿيندا رهندا
ن. جيڪو جنهن ڀاوَ سان هنن جي اڳيان ويندو آهي ۽ سندس ڀاوَ
آهي تہ هن کي اوس اهڙو ڦل ملندو آهي.

حقيقت ۾ اهڙن سنتن جي ڪري ئي هن پرٿويءَ تي رس
عيل آهي. جنهن ڏينهن اهڙن مهاپرشن جو ڀاڇو هٽندو ان ڏينهن
يءَ ڌرتي رساتل ۾ هلي ويندي.

جن پڇ آتمائن کي جيون ۾ هڪ دفعو بہ ڪنهن سچي سنت
درشن، ستسنگہ يا هٿن جو اسپرش پراپت ٿيندو آهي اهو سؤڀاڳيہ
ي پرم آنند ۽ پرم شانتيءَ جو سهج ئي اڌيڪاري ٿي ويندو آهي.
تن جو درشن، اسپرش، ستسنگہ ۽ چرڻ رج مستڪ تي لڳائڻ جو
هہ تہ پري رهيو، جيڪو فقط من سان بہ اهڙن سنتن جو سمرڻ
ندو آهي، اُهو شڌ انته ڪرڻ وارو ٿي ڀڳوت پراپتيءَ جو اڌيڪاري
قدار) ٿي پوندو آهي.

☆ ☆ ☆

☆ سنت درشن جي مهما ☆

مهاپرشن جو سنگ ڪريو. گهڻي ۾ گهڻو وقت سندن سانيڌيہ
۽ سيوا ڪرڻ ۾ گذاريو، جن جو هرديہ پرم شانتي ۽ پرم آنند
ساگر روپ ڀڳوان ۾ مگن آهي، انهن جي سنگ سان، لڳاتار ساني
سان تنهنجي هرديہ جا دُوار بہ پرم آنند ۽ پرم شانتيءَ لاءِ کلي وين

اهڙا مهاپرش جڳت ۾ هرهنڌ شانتي ۽ آنند جي ڌارا وهائي
رهندا آهن. جتي شوڪ، اشانتي، دکدرد ۽ ڏڪ هوندو آهي اُ
جيڪڏهن سندن هرديہ ۾ استت (دائمي) شانتي ۽ آنند جا ڪ
پهچي وڃن تہ شوڪ، اشانتي وغيره انڌڪار جو ناس ٿي آنند
شانتيءَ جي بيحد چلڪندڙ چانڊاڻ ڇانئجي ويندي آهي.

اهڙا سنت-مهاپرش سندن برو چاهيندڙن جو بہ ڪلياڻ
چاهيندا آهن. امرت پيئڻ سان (شايد) ڪوئي مري وڃي پر سڄ
سنتن کان ڪنهنجو برو نہ ٿيندو. کهاڙو چندن کي ڪٽيندو آهي،
چندن پنهنجي گڻ سان ان کي سڳنڌ ئي ڏيندو آهي. اهڙيءَ ط
سنت بہ سندن برو چاهيندڙن جو ڪلياڻ ئي ڪندا آهن.

هنن جو سياءُ ئي ٻين جي ڀلي ۾ محو رهڻ وارو هوندو آه
ڪين ڪجهہ ڪرڻو نہ پوندو آهي پر انهن جي حاضري ماتر سان
اهو سڀ ڪجهہ ٿي ويندو آهي جيڪو اتاهہ ڪوشش ڪرڻ سان
منش نٿو ڪري سگهي. سورج ڪڏهن نہ چوندو تہ مان ماڻهن
جاڳائيندو آهيان يا بيماريون دور ڪندو آهيان. سورج ڪڏهن بہ

سک ۽ دک چکر جيان ايندا ۽ ويندا آهن. ان سک ۽ دک جو
پيوگ کرڻ جي کلا اچي وجي تہ سمجهو جنماشٽميءَ جو سار تتوَ
ن ۾ اچي ويو.

سک جي وقت تياڳ ۽ سيوا جي سمجهہ رکڻ ۽ دک جي وقت
شيلتا رکڻ، آتم-ويچار جاڳائڻ. سک جي غلامي ۽ دک جو ڀوُ
ڻ جي اها کنجي آهي.

सुखदु:खे समे कृत्वा लाभालाभौ जयाजयौ ।
ततो युद्धाय युज्यस्व नैवं पापमवाप्स्यसि ॥

”جيہ-پراجيہ، لاڀ - هاڃي ۽ سک دک کي سمان سمجهي يڏ
 کرتويہ کرم کرڻ لاءِ تيار ٿي وڃ. ائين کرڻ سان تون پاپ
ڀاڳي نہ ٿيندين.“

 ڀڳوان کرشن جا اهي وچن اگر عمل ۾ اچي وڃن تہ جيون
رام سڇ پڇ کيڏ (راند) جيان آسان ٿي پوي. جيئري ئي پاپ -
 جو ليکو (چڪائي) پورو کري امر آتما جو پرساد آتم سات ٿي
.

★ پائڙا اسانجي لوکک ملکيت جي رکيا کندا آهن پر
 اسانجي اڌياتمک خزاني جي رکيا کندا آهن.

★ ساڌک کي جيکو اڌياتمک خزانو مليو آهي اهو ڪٿي
ڃي نہ وڃي، کام، کروڌ، لوڀ وغيره وکار لٽي نہ وڃن انکري
ک گروديو کي رکڙي ٻڌي رکيا چاهيندو آهي.

★ شپ ڏڻ ★

منگلميہ اُتسو

گرو پورنما، رکشا بنڌن ۽ جنماشٽمي - اهي ٽيئي اهميت پريا اُتسوَ آهن. گرو پونم تپ، تياڳ، سهن شڪتي ۽ ساڌنا جو سنيعو ڏيئي وئي. پنهنجون اندريون ڪميون کوجي انهن کي گرو-شرڻاگتي، جپ، تپ، ڌيان وغيره دوران دور ڪري گرو پرساد پائڻ ۽ پچائڻ جي يوگيہ بڻائڻ ئي سچ پچ گرو پورنما جو اُتسو ملهائڻ آهي.

رکشا بنڌن : ڀاءُ ڀيڻ جي پويتر، نروير ۽ نسوارٿ پريم جو سنديش کڻي آئي. فقط پنهنجي سڳي ڀيڻ لاءِ ئي نہ پر سماج جي هرهڪ استريءَ لاءِ همدردي، بنا ڪنهن واسطي (رشتي) سهايتا ڪرڻ جي سمجهہ، نروڪار جيون درشٽي پرگهٽ ڪرڻ جي پريرڻا هن اُتسوَ (جي ڏين آهي) ۾ سمايل آهي.

ان بعد اچي ٿي گوڪل اشٽمي. گوڪل-متھرا ۾ ئي نہ پر سڄي ڀارت ۾، ڳوٺ ڳوٺ ۾ ورت، تپ، پريم ڀڳتي، ڀڄن، ڌيان، ڪيرتن سان اهو ڏڻ ملهايو ويندو آهي. شري ڪرشن جي جنم-اُتسو جي پرساد ۾ انجي سماپتي ٿيندي آهي. جنم اُتسوَ جو واستوڪ پرساد آهي چِت جي نرملتا، انتہ ڪرڻ جي سندرتا، نشچنتتا ۽ سکہ-دکہ ۾ سمتا رکڻ.

وقت گذرندو پيو وڃي

चक्रवत् परिवर्तन्ते सुखानि च दु:खानि च।

☆ نيڪ نصيحت ☆

दानं केवलं कलियुगे ।

هي پيارا! جي وڏن چاهيو ٿا تہ ورهايو. دان پڇ ڪريو. ڪلجڳ
و ساڌن آهي دان ڪرڻ. سورج جيڪڏهن روشني دان نہ ڪري
ند اَنُ وڏي ئي ڪونہ. توهان اَن جو داڻو ڪوٺيءَ ۾ پوڪي ڏسو
ي ٿو؟ اهڙيءَ طرح ڌن بہ ڪوٺيءَ ۾ بند ڪرڻ سان وڌندو ڪونہ.
ءَ طرح کوهہ جو پاڻي جيترو ڪڍبو وجبو، اوترو وڌندو ويندو ۽
ٿيندو ويندو. پر جي پاڻي نہ ڪڍبو تہ پاڻيءَ ۾ بانس ٿي ويندي
ور جمي ويندو. اهڙيءَ طرح لوڀين وانگر ڌن رکي مري ڪري
ٿي پٽڪندو رهڻ ۾ ڪوئي سار ناهي.

ڪنهن راجا پنهنجي وڏي پٽ کي ولي عهدو ڏيڻ جي بدران
گڻوان پٽر کي راڄ سونپڻ جو ويچار ڪيو.

پريکيا جي خيال کان هڪ دفعي پنجن ئي پٽن کي گڏجي
پوڄن ڪرڻ لاءِ چيو ويو. پنجن ئي راجڪمارن لاءِ ميز تي پوڄن
ويو. جيئن ئي هنن پهريون گرهہ منهن ۾ مس وڌو جو ٽي-چار
ي ڪتا کين ڏيکائي پيا. چار راجڪمار تہ گهبرائي ڪري پٺي
ر سيني کان ننڍو راجڪمار پنهنجي جاءِ تي ويٺو رهيو. پونڪنڌڙ
ڪي چپ ڪرائڻ لاءِ چئن ڀاڄوڪڙ راجڪمارن جو ٿالهہ هڪ

❋ گيان ڌارا ❋

يوگہ وسشٽ مان کي ورق

وسشٽ جن چون ٿا تہ هي رامجي! هاٿي تون اهڙو آسرو وٺ
جنهن کان تنهنجو هردو آتم گيان سان پشٽ ٿي، سنسار جي شي
آشيِ وهنوارن ۾ چلائمان نہ ٿئي. جنهن پرش انهيءَ پرڪار سان آتم
پد کي پاتو آهي سو مها آنندوان ٿيو آهي. اهڙو پرش نہ دکہ کري
ٿو نہ اچائون کري ٿو، بلڪ سيني اُپادين کان رهت ٿي پرم شانت
روپ امبرت سان پورڻ رهي ٿو. هوُ انيڪ پرڪارن جا وهنوار ڪندو
ڏسڻ ۾ اچي ٿو، پر واستو ۾ ڪجهہ بہ نٿو ڪري. اُن جي من جي
وِرتي جتي وڃي ٿي اُتي اُن کي آتم ستا ڏسڻ ۾ اچي ٿي. جهڙي
طرح پورنماسيءَ جو چندرما امبرت سان پرپور رهي ٿو تهڙيءَ طرح
گيانوان آنند سان پرپور رهي ٿو. هي رامجي! هيءَ امرت روپي ورتي
جا مون توکي ٻڌائي آهي تنهن کي تون تڏهن ڄاڻندين جڏهن توکي
آتما جو ساکياتڪار ٿيندو. جهڙي طرح چندرما جي منڊل ۾ گرمي
نٿي ٿئي، تهڙيءَ طرح آتم گيان ٿيڻ سان سڀ دکہ مٽجي وڃن ٿا.
اگياني جيوُ جو ڪجهہ کري ٿو تنهن ۾ دکہ پائي ٿو اُن کي شانت
ڪڏهن بہ نٿي اچي. هي رامجي! هن جيو کي اگيانتاءِ مورکتا کان
اهڙا دکہ پراپت ٿين ٿا جن جي برابر ٻيو ڪوبہ دکہ ڪونهي. آتم پد
پراپت (ٿيڻ) ڪرڻ لاءِ جيڪڏهن هٿ ۾ ٺڪر کڻي، چنڊال جي
گهر مان بيکہ وٺڻي پوي تہ اُها بہ ٻين وڏاين کان اُتم آهي، پر مورکتا
ٿي رهڻ چڱو ناهي. انهيءَ مورکتا کان ڇٽڻ لاءِ موکش جو اُپاءُ ڪجي.

اوم ...... اوم ...... اوم !!!

☆ پنهنجن سان پنهنجون ڳالهيون ☆

آشرم ۾ ايندڙ هزارين ساڌڪ ۽ ڀڳت اڪثر ڪري چوندا آهن
تي ٻن ۾ هتي اچي سائين جن جي درشن ۽ وچنن روپي امرت.
ه ڪريون ته اسين شانتيءَ سان وهنوار ۾ جيئي به نه سگهون ايڏا
يل آهيون سنساري مجبورين ۾. هڪ دفعي اهائي چرچا هلي
هئي ۽ سائين اچي ويا. سائين جن چيو :

”جڏهن نانگ ۽ نوريئڙي جي لڙائي ٿيندي آهي، تڏهن نوريئڙو
ه جي ڏنگ ڪري نرٻل ٿي ويندو آهي. اُتان ڪان پاڻ ڇڏائي ڀڄي
ڪٿان نه ڪٿان ٻوٽي سنگهي، نئين طاقت پائي وري وڃي يڌ
دو آهي. اهڙيءَ طرح هُو ائين ٿيسنائين ڪندو رهندو آهي
تائين نانگ مري نٿو وڃي.

توهان به سنسار روپي نانگ جا ڪيئي ڪشٽدائي ڏنگ سهي
ن بي-حال ٿي ويندا آهيو، راڳ-دويش، چنتا، مهانگائي ۽ ٻين
-پٽن جا ڏنگ سهي سهي پريشان ٿيندا آهيو، تڏهن آشرم ۾
نگ روپي ٻوٽي سنگهڻ هليا ايندا آهيو. هت اچي تازا-توانا ۽
بهار ٿيندا آهيو. (مسڪرائيندي) .... چئو، ائين ئي آهي

سائين جن جي اهڙي ونود ڀري واڻي ٻڌي سڀ کلڻ لڳا. ڳالهه
يءَ ۾ چيائون پر آهي سٽيه چاڪاڻ ته سيني جو انوڀو شاهد آهي.
دير بعد سائين جن اڳتي فرمايو :

جنهن اڌياتمڪ شانتيءَ جي بنا جيوُ جنمن جنمن تائين ڀٽڪندو
دو آهي، جنهن لاثاني گيان ڏانهن ويد ۽ اُپنيشد اِشارو ڪن ٿا،

هڪ ڪري ڪتن جي اڳيان رکندو پئي ويو. ڪتا به کائيندا رهيا
هوُ به موّج سان کائيندو رهيو.

راجا پريان ويني سڀ ڪجهه ڏٺو. ويجهو اچي کائنس حال
پڇيو. راجڪمار آتم وشواس سان وراڻيو : ڪتا انهن کي چڪ پائيند
آهن جيڪي اڪيلا کائيندا آهن. ونڊي ورهائي کائيندڙ کي ڪوب
جوکم نه رسندو آهي. هن جي سياڻپ کي ڏسي راجا هن کي يوڳيہ
وارث ڪري چونڊيو.

اهڙيءَ طرح يوڳيہ-ولاس، دک-ڪشٽ جا ڪتا انهن کي ئي
نوچيندا (ستائيندا) آهن جيڪي اَتي سوارٿي هوندا آهن.

★ ★ ★

* منش کي ڪي اهڙيون به ڪلائون ڄاڻڻ گهرجن، جن سان
آفت جي ڪال ۾ به پنهنجو گذارو ڪري سگهي. پانڊوَن جو انيوُ ڪين
بنواس-ڪال ۾ ڪم آيو. ڀيم رسويي جو، ارجن نرتڪيءَ جو، دروپتيءَ
داسيءَ جو اهڙي طرح پنهنجي پنهنجي ڪشلتا جي انوروپ وِراٽ
نگر ۾ ڪم پراپت ڪيو هئائون.

* توهان وٽ ٻه رپيا هجن ته هڪ ج روٽي خريد ڪريو، ٻئي
مان ڪو ست ساهتيہ. روٽي جيون ڏئي ٿي ۽ ست - ساهتيہ جيون
جيئڻ جي ڪلا.

٭ صحت سنسار ٭

انيڪ روڳن ۾ هڪ علاج : تلسيءَ جا ٢٥-٣٠ پن ڪٽي روهيءَ
پٿر تي (جنهن تي ڪو مصالو نه پيسيل هجي) پيسيو. ان ۾ ٥-
گرام تازي ڏهي ملائي يا ٥-٧ گرام مائي ملائي ٣٠-٤٠ ڏينهن
ي ورتايو.

- ان سان سنڌن جو سور، سردي، زڪام، ڪنگهه (پُراڻي هجي
م) گردي جي پٿري، اڇا داغ يا ڪوڙهه، سرير جو موٽاپو، ٻڌاپي
نبلتا، پيچش، بدهاضمو، قبضي، گئس، دماغي ڪمزوري، ياد
تيءَ جو اپاءُ، پُراڻي ۾ پُراڻو متي جو سور، بخار، بلڊ پريشر (وڏيل
هٽيل)، هردي روڳ، سرير ۾ گنج، سواس روڳ، ڪئنسر وغيره روڳ
تيندا آهن.

ان سان وٽامن 'اي' ۽ 'سي' جي ڪمي پوري ٿيندي آهي.
نسر جهڙي ڪشت دائي روڳ ۾ هيءَ دوا ڏينهن ۾ ٻه يا ٽي دفعا
ي.

★ ٢٠ پن تلسيءَ جا ۽ ١٠ ڪارا مرچ گڏي پيسجن. هر اڌ
ڪ ڪان ٢ ڪلاڪن جي وٿيءَ ۾ ور ور پيئارڻ سان نانگ جو زهر
ويندو آهي.

★ صبح شام تلسي ۽ ليمي جو رس گڏي منهن تي مهٽڻ سان
ا داغ لهندا آهن ۽ سندرتا وڌندي آهي.

★ تلسيءَ جا سڪل پن چٽي طرح پيسي ان جو گهاٽو ليپ

جيڪو سيني روڳن ۽ دکن کان پار ڪرائي ٿو، اهو هتي ڪل-ڪل ۾ پرچيو وڃي ٿو، تنهن ڪري انجو انيو ڪري توهان جي سڄي ٿڪاوٽ لهي وڃي ٿي ۽ توهان پاڻ کي پرسن چت محسوس ڪريو ٿا. توهان کي هڪدم اهو خيال به نٿو اچي ته هيءُ ايترو اموليه آهي جنهن جو بدلو سنسار جي ڪنهن به پدارٿ سان نٿو چڪائي سگهجي. هيءُ برهم گيان آهي جيڪو جنگهلن ۾ پهاڙن جي ايڪانت غفائن ۾ جگياسو ساڌڪ رشي - منين کان بڏي ڪرتارٿ ٿيندا هئا.

ان گيان ڏانهن اشارو ڪندڙ گرنٿ جڏهن وديشي پاشا ۾ اُتان جي چوٽيءَ جي تتو چنتڪن پڙهيو، ته هوُ دنگ رهجي ويا. سندن دل مان اُدگار نڪتا ته ڀارت ۾ جنهن گيان جي کوجنا ڪئي ويئي آهي اُن جي اڳيان سندن گيان ته بلڪل ننڍو آهي.

هيءُ اهڙو گيان آهي جنهن جي اڄ ساري وشوَ کي ضرورت آهي جيڪو منش جي هرقسم جي سيني مسئلن جو اصلي حل آهي. ان هوندي به ڀارت ۾ اُلٽي گنگا وهي رهي آهي. ڀارتواسي ايترو دويه گيان جو ڀنڊار هوندي به وديشين ڏانهن سندن ڪلپناتمڪ سک پائڻ لاءِ تاڪي رهيا آهن.....!

سچ پڇ سائين جن ونود ونود ۾ ڪيئن نه اٿاه گيان جي گنگا پنهنجي انيو روپي واٽيءَ جي روپ ۾ نتيه ورسائيندا رهن ٿا! اڄ شاسترن جا منتر درشٽا نه آهن. بابا نانڪ، سنت ڪبير، وويڪانند، رامتيرٿ جهڙا رشي اسان جي نظرن سان نٽا ڏسي سگهون. اهڙي وقت ۾ شاسترن جي ان ئي دويه گيان جي جهلڪ اسين گيان جي ساڪيات مورتي روپ سائين ۾ پايون ٿا.

..... ॐ ..... گرو ..... ॐ .....

مهنو بڊو وڪرم سنمبت ٢٠٥٥

24 آگسٽ کان 22 سيپٽمبر تائين 1998

تاريخ سنڌي	تاريخ انگريزي	تٿ	سج اڀرڻ	سج لهڻ	وڏا ڏينهن، ڏڻ، ورسيون ۽ ورت
١	24	ٻيج	٦-٢٠	٧-٠٣	وراهه جينتي
٢	25	ٽيج	٦-٢١	٧-٠٢	ڪپوڙا ٽيج
٣	26	چوٿ	٦-٢١	٧-٠٢	گڻيس چوٿ، جين سنونت سري
۴	27	پانچم	٦-٢١	٧-٠٢	رشي پانچم، گرو پنچمي
٥	28	ڇٺ	٦-٢٢	٧-٠١	شرد رتُ شروع
٦	29	ساتم	٦-٢٢	٧-٠٠	
٧	30	آٺم	٦-٢٢	٦-٥٨	درگا اشٽمي، راڌا اشٽمي، مهالڪشمي ورت (سگڙا بڌڻ)
٨	31	نوم	٦-٢٢	٦-٥٧	ڀاڳوت سپتاهه شروع
٩	1	ڏسم	٦-٢٣	٦-٥٧	
١٠	2	گيارس	٦-٢٣	٦-٥٥	پريورتني گيارس سهائي
١١	3	ٻارس	٦-٢۴	٦-٥۴	وامن جينتي
١٢	4	تيرس	٦-٢۴	٦-٥٣	
١٣	5	چوڏس	٦-٢۴	٦-٥٢	اننت چتردرشني ورت، ستنارائڻ
١۴	6	پونم	٦-٢۴	٦-٥١	”وشنپدي ستنارائڻ، جترماد ختم، مانگهه، چند گرهڻ
١٥	7	ايڪم	٦-٢٥	٦-٥٠	شراڌ شروع (ايڪم ۽ ٻيج گڏ)

منهن تي لڳائڻ سان چمڙيءَ جا سوراخ کلي ويندا آهن. پڳهر سان گڏ اشڏي نڪري وڃڻ سان چمڙي صاف، درگهنڌرهت، تيجسوي ۽ ملايم ٿيندي آهي. چهري جو تيج وڌندو آهي.

★ جل شڌي : اپوتر ۽ خراب پاڻي شڌ ڪرڻ لاءِ تلسيءَ جا ساوا پن وجهو. ان سان پاڻي شڌ ۽ پويتر ٿيندو.

سرل گهرو علاج

کنگهه جي لاءِ : ڪنڌاري ڏاڙهونءَ جي کل ٢٠ گرام، سيندو لوڻ ٣ گرام، ڪارا مرچ ٣ گرام ڪٽي ڇاڻي، پاڻي گڏي جوئر جي داڻن جيڏيون گوريون ٺاهي رکجن. ٻن ٻن ڪلاڪن بعد ٢-٣ گوريون هر دفعي چوسڻ سان کنگهه دور ٿيندي.

پيٽ جي سور لاءِ : ليمو ڪٽي لوڻ ۽ ڪارامرچ لڳائي چوسڻ سان درد دور ٿيندو يا ميٿيءَ جو ٻج ۽ لوڻ گڏي وٺڻ سان به فائدو پوندو.

دست : اڌ پيالي ڪچي کير ۾ ليمي جي رس وجهي پيئڻ سان خوني دست به بند ٿيندا.

وات جا ڇالا : ٽماٽن جي رس پاڻيءَ ۾ ملائي گرڙيون ڪجن. تلسيءَ جا پن چباڙي ٿُڪجن ڏينهن ۾ ٣-٤ دفعا بادام جو گورو گ هي ڏينهن ۾ ٣-٤ دفعا ڇالن تي لڳائجي.

★ ★ ★

جوان جاڳرتي سنديش

اسانجي دويہ ڀارتيہ سنسڪرتي ڀلجي اسان وديشي ڪلچر جي
چڪر ۾ ڦاسي ويا آهيون. لارڊ ميڪالي جي راجنيتيءَ ڀارت جي
شڪتي ناس ڪري ڇڏي.

لارڊ ميڪالي جڏهن ڀارت ديش ۾ گهميو تہ هن ڏٺو تہ ڀارت
جي سنتن وٽ اهڙي يوڳہ وديا آهي، اهڙو منتر وگيان آهي، اهڙيون
يوڳڪ شڪتيون آهن جو ڀارت جو هڪ نوجوان بہ سنتن جي پريرڻا
پائي انهن جي ٻڌايل راهہ تي هلي تہ برٽش راڄ کي اُکاڙي ڪٽي
ڦٽي ڪري سگهي ٿو.

انڪري لارڊ ميڪالي سڀني کان پهرين سنسڪرت اسڪولن ۽
گروڪُل تي بندش لڳائي، انگريزي اسڪول شروع ڪرايا. اسانجن
گهرن ۾ هلندڙ ڪل - ڪارخانا بند ڪرائي فئڪٽريون کوليون.

پهرين ماڻهو آتم نرڀر هئا، سواڌين ٿي جيئندا هئا، انهن کي
پراڌين بڻايو ويو، غلام بڻايو ويو. ڏيري ڏيري وديشي هاٿوڪو مال
ڀارت ۾ وڪڻڻ شروع ڪري ڇڏيو. جنهن ڪري ماڻهو پنهنجي ڪم
جو آڌار مشينن تي رکڻ لڳا ۽ پرجا آلسي، ڀوتڪوادي بڻجندي وئي.
انجو فائدو وٺي برٽش اسان تي راڄ ڪرڻ ۾ سڦل ٿي وئي.

هڪ ڏينهن هڪ راجڪمار گهوڙي تي سوار ٿي گهمڻ نڪتو
هو. هن کي ننڍپڻ کان ئي ڀارتيہ سنسڪرتيءَ جا پورڻ سنسڪار مليا
هئا. نگر مان گذرندي اچانڪ راجڪمار جي هٿن مان ڇهبوڪ ڪري

ڏينهن	تاريخ سنڌي	تاريخ انگريزي	تٿ	سج اڀرڻ	سج لهڻ	وڏا ڏينهن، ڏڻ، ورتيون ۽ ورت
منگل	١٦	8	ٽيج	٦-٢٥	٦-٤٩	ٽيج شراڌ
ٻڌر	١٧	9	چوٿ	٦-٢٥	٦-٤٨	چوٿون شراڌ
وسپت	١٨	10	پانچم	٦-٢٦	٦-٤٧	پنجم شراڌ
جمع	١٩	11	ڇٺ	٦-٢٦	٦-٤٦	ڇٺ شراڌ
ڇنڇر	٢٠	12	ساتم	٦-٢٦	٦-٤٥	ساتم شراڌ مهالڪشمي ورت پور
آرتوار	٢١	13	آٺم	٦-٢٦	٦-٤٤	آٺم شراڌ
سومر	٢٢	14	نوم	٦-٢٧	٦-٤٣	نَوم شراڌ
منگل	٢٣	15	ڏسم	٦-٢٧	٦-٤٢	ڏسم شراڌ (گُر پرب)
ٻڌر	٢٤	16	گيارس	٦-٢٧	٦-٤١	گيارس اونداهي، ايڪادشي، شراڌ
وسپت	٢٥	17	ٻارس	٦-٢٨	٦-٤٠	ٻارس شراڌ، ٻار ريڻيان
جمع	٢٦	18	تيرس	٦-٢٨	٦-٣٩	تيرس شراڌ
ڇنڇر	٢٧	19	چوڏس	٦-٢٨	٦-٣٨	چوڏس شراڌ
آرتوار	٢٨	20	اماس	٦-٢٩	٦-٣٧	سروپتر رس اماس، پونم اماس شراڌ
سومر	٢٩	21	ايڪم	٦-٢٩	٦-٣٦	نوراترا / ايڪاٽا شروع
منگل	٣٠	22	ٻيج	٦-٢٩	٦-٣٥	چنڊ، پرم پوجيه سنت آشارام صاحب جو آٺم ساڪياتڪار ڏينهن

* درويش درشن پريمين لاءِ آنند ڀريو سماچار *

اسانجي سنڌي سڄڻن، جن کي عربي سنڌي پڙهڻ، نہ ايندي
ي، انهن درويش درشن پريمين جون ڏاڍي وقت کان جهجهي
داز ۾ ايندڙ عرضين کي ڌيان ۾ آڻي ''درويش درشن'' رسالو
وناگري لپيءَ (لکيل هندي، ڀاشا سنڌي) ۾ بہ شايع ڪيو ويندو.

سو توهان جي متن-مائٽن، دوستن، عزيزن کي ڀارت جي مهان
ت-درويشن جو آڌياتمڪ پرساد، شاريرڪ ۽ مانسڪ تندرستيءَ جا
رتي اُپاوَ گهر ويني ملندا رهن، ان لاءِ جلد بہ جلد هن رسالي جو
مبر بڻجڻ لاءِ اُتساهت ڪريو. هن ديوي ڪاريہ ۾ سهياڱي ٿيو.

جيڪي سڄڻ ۽ ديويون هيءُ پنج ميہ ڪاريہ ڪرڻ چاهين اهي
مبر بڻائڻ جو رسيد بوڪ گهرائڻ جي ڪرپا ڪن. هيءُ پويتر ڪاريہ
بوا ڀاوَ سان ڪري سگهجي ٿو ۽ جيڪڏهن ڪوئي چاهي تہ ڪميشن
و بہ پربند آهي.

پانڪن ڏانهن خاص سوچنا

* درويش درشن جو چندو روڪڙ، ڊمانڊ ڊرافٽ يا مني آرڊر
ي روپ ۾ ئي سويڪار ڪيو ويندو آهي. چيڪ يا پوسٽل آرڊر نہ ورتا
ندا آهن.

* ميمبرشپ وري نئين ڪرائڻ وقت مني آرڊر فارم ۾ پنهنجي
ري ائڊريس، پن ڪوڊ نمبر، گراهڪ نمبر ۽ ڪڏهن کان ميمبرشپ
ين ڪرڻي آهي اهو ضرور لکي موڪليندا.

* ڪنهن بہ طرح جي شڪايت يا صلاح ڏيڻ وقت پنهنجو نالو
ڊريس ۽ گراهڪ نمبر، پڙهي سگهجن اهڙي طرح صاف ۽ چٽن
ڙن ۾ لکي موڪليندا.

اوم ..... اوم ..... اوم.....!!!

پيو. راجڪمار گھوڙي تان لٿو ۽ ڇھبڪ ڪٽي وري گھوڙي تي سوار
ٿي ويو. اھو ڏسي رستي تان ھلندڙ ماڻھوءَ چيو : ”مالڪ ! توھان تہ
راجڪمار آھيو . ھڪ ڇھبوڪ لاءِ توھان پاڻ گھوڙي تان ھيٺ لٿا!
اسان کي حڪم ڪريون ھان تہ....“

راجڪمار وراڻيو ”ٿوري-ٿوري ڪم ۾ جيڪڏھن ھين ڏانھن
منھن تڪڻ جي عادت پئجي ويندي تہ اسين آلسي، پرادين بڻجي
ويندا سون ۽ آلسي پرادين منش جيون ۾ ڇا ترقي ڪري سگھندو ؟
اڃان تہ مان جوان آھيان. مون ۾ ڪم ڪرڻ جي شڪتي آھي. مون
کي آتم نرڀر بڻجي ٻين جي سيوا ڪرڻ گھرجي نہ کي سيوا وٺڻ
گھرجي. جيڪڏھن توھان کان ڇھبوڪ وٺان ھان تہ سيوا وٺڻ جو
ٻوجھو منھنجي سر تي چڙھي ھان“

ھي ڀارت جا نوجوانو! درڍ سنڪلپ ڪريو تہ: ”اسين آتم نرڀر
بڻجنداسين“ نوڪرن ۽ مشينن تي ڪيسين تائين آڌار رکندا؟ ھي
ڀارت جي ناري! پنھنجي اوچائيءَ کي ڀلجي مشين جي يگہ کان
پرڀاوت نہ ٿيءُ شري رام ڀڳوان جي ماتا شري ڪوشليا ديوي ھيترن
داس-داسين جي ھوندي بہ خود پنھنجن ھٿن سان پنھنجن پٽن جي
لاءِ پويتر ڀوجن ٺاھيندي ھئي . تون بہ پنھنجن فرض کان پري نہ
ڀڄ. سچ چيو اٿن :

स्वावलंबन की एक झलक पर
न्यौछावर कुबेर का कोष ॥

※ ※ ※

لکپرھہ لاءِ ائڊريس :

★ Sant Shri Asharamji Ashram
abarmati, Ahmedabad - 38005
el. : (079) 7505010, 7505011

★ Lajwanti G. Veerbhani
26, Kalidas Nagar,
ambe Hanuman Rd,
r. Tikamnagar - 1, Surat.

★ Kiko Studio
hop No.1, Plot No. 287,
Vard 12-13, Gandhidham (Kutch)
el : 22083

★ Nanakram Asudomal
ardhaman Nagar
. No. 151, Kalol (Guj) 382721
el. : 22757, 23549

★ Lata Khatwani
. No. 1325, W.No. 3, Lodha Mohalla
asirabad, Ajmer (Raj) 305601
el. : 20914

★ Anoop Ramani
C/o Vastu Engineers
Y13/190A, Civilines,
Faizabad (U.P) 224001
(05278) 23689, 22058

★ Sant Shri Asharamji Ashram
O. T. Section, Ulhasnagar - 421 002
Tel. : (0251) 542696, 563881

★ Mohan G. Rohira
5, Uphar Plot 148, 10th Rd.
Khar, Bombay 400 052
Tel. : 6497670

★ Shri Yog Vedant Seva Samiti
C/o. Kishinchand S. Dhanwani
'Hari ॐ Shanti' Niwas
Kachhi Kholi, Sindhi Camp,
Akola (M.S.) Tel.: (0724) 435971, 439162

★ Shri Yog Vedant Seva Samiti
Hari ॐ Provision, 15 Municipal
Dharamshalla, Shivaji Rd,
Jalgaon (M.S) 425001
Tel : 27456, 225894

★ Sant Shri Asharamji Sat-Sahitya Kendra
Tak Plaza, Ambadevi Rd,
Amravati (M.S)

★ M/s Mahalaxmi Travels (shanker)
111A/19B, Ashok Nagar,
G. T. Rd., Nr. Coca Cola Chauraha
Kanpur (UP) - 208012
Tel : 291739, 297715

★ Santi Shri Asharamji Ashram
Khandwa Rd, Nr. Bilavali, Talab,
Indore (M.P) Tel. : 478031, 63068

★ Santosh Kumar Agarwal
C/o Prabha Kiryana Store,
Stn. Rd, Tilda Neora
Raipur (M.P) 493114

DARVESH DARSHAN (Monthly)

Shri Yog Vedant Samiti, Sabarmati, Ahmedabad-5.

Postal Registration No. : GAMC 640 ▫ Aug., 1998

Lic. to Post Without Pre-Payment Lic. No. : 273



نند گھر آنند ٿيو،
ڄمڻ ڪنعيالعل جي....

جنماشتمي گوڪل اشتمي ڏاڍو رهسيہ پريو اُتسوَ آهي. سماج جي آول کان آخر تائين هر شخص جو ڌيان رکندي، اُن جي اُنتيءَ جا جدا جدا طريقا اپنائيندي، انسان جي ضرورتن ۽ مهما کي سمجهي ان جي وڪاس لاءِ نرگڻ نراڪار پر برهم پرماتما سگڻ ساڪار روپ ڌاري گنگنائيندي، ڳائيندي، نچندي-ٽپندي، ڪارائيندي ۽ ڪائيندي انيڪ ليلائون ڪندي هن جيوَ کي پنهنجي اصليت جو دان ڪندي ۽ پنهنجي مهما ۾ ڄاڳائڻ لاءِ جيڪو اوتار ٿيو ان کي شري ڪرشن اوتار چوندا آهن.